# مهراڻ

نمبر ۳/۱۹۹۰ع

جولاء — سيپٽمبر



بسم اللہ الرحمن الرحیم

محمد رسول اللہ

لا الہ الا اللہ

سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار

دوست تون دلدار عالم سڀ آباد ڪرين

شاهه لطيف

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو ٽماهي علمي ۽ ادبي رسالو

جلد ٣٩] [نمبر ٣

جولاءِ – سيپٽمبر ١٩٩٠ع

سرپرست اعليٰ

مخدوم محمد زمان "طالب المولى"

ايڊيٽوريل بورڊ

مخدوم جميل الزمان "جميل"
عبدالله ورياه
سيد احسن الهاشمي
حبيب الله صديقي

ايڊيٽر

نفيس احمد شيخ

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# مـهـراڻ

سنڌي ادبي بـورڊ

اسٽيشن روڊ، ڄامشورو، سنڌ

The "MEHRAN", Quarterly
Vol: 39, No. 3, 1990
[Established in 1955]


- An age old leading journal of scholarship in Sindhi language, acknowledged in all literary circles of Pakistan.
- Published by SINDHI ADABI BOARD for the development and promotion of Sindhi literature.
- Contemporary Creative Literature, History, Civilization, Lexicography, Education, Music, Folklore, Archaeology and General Culture of Sind are the main topics of material usually published in this periodical.
- Besides translations of world literature are also presented.
- All correspondence about publication be addressed to:


Nafees Ahmad Shaikh
Editor 'Mehran', Quarterly,
Sindhi Adabi Board,
@ Jamshoro, (Post Code:- 76070)
Via: Hyderabad, Sind, Pakistan.
Telephone: (0221) 71276 and 71565


خريداريءَ لاءِ خط و ڪتابت

مئنيجر بوڪ اسٽال

سنڌي ادبي بورڊ، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد (فون: ٢٣١٤٩)

سالياني چندو: ١٠٠-٠٠ رپيا     في ڪاپي: ٣٠-٠٠ رپيا


Printed & Published by Mr. Habibullah Siddiqui Secretary Sindhi Adabi Board at the Sindhi Adabi Board's Printing Press, Jamshoro, Sind, Pakistan.



Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# حال احوال

(ايڊيٽوريل)

## لطيفيات ۽ مهراڻ

سنڌ جي سولهن ۽ سُونهن حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جي ٢٤٦-هين عرس مبارڪ جي دلپذير موقعي تي مهراڻ جو هي پرچو نهايت احترام ۽ خلوص سان پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪندي، هڪ خاص لطف ۽ خوشي محسوس ڪريون ٿا، جو هي شمارو چند ڏينهن جي قليل عرصي ۾ راس ڪيو ويو آهي ۽ ان کي لطيفي ميڙي جي روح پرور موقعي تي پڌري ڪرڻ جي سعادت حاصل ٿي رهي آهي.

موقعي جي مناسبت سان مهڙ ۾ هڪ "خاص مضمون" پڻ درج ڪيو ويو آهي ۽ ڊاڪٽر تنوير جو تحقيقي مضمون، لطيفيات جي سلسلي ۾ هڪ اهم اضافي جو باعث پڻ آهي.

هن موقعي تي اسان هڪ ٻي ڳالهه پڻ ڪرڻ گهرون ٿا. شاهه لطيف تي اڀياس جي سلسلي ۾ هونئن ته مهراڻ ۾ سدائين مضمون شايع ٿيندا پئي رهيا آهن، پر اسان جو ارادو آهي ته آئينده مهراڻ جي هر شماري ۾، پابنديءَ سان، هڪ تحقيقي مقالو شايع ڪجي، جيئن هن اهم موضوع تي اشاعت جو هڪ مستقل بندوبست ميسر هجي. هن ڏس ۾ اسين پنهنجن مهربان محققن ۽ عالمن کان تعاون جا خاص طلبگار ٿينداسين. ڪرمفرما پڙهندڙن کي روشن آهي ته گذريل پنج سالن ۾ اسان مهراڻ ۾ ڪجهه نوان عنوان/ڪالم: "سنڌ جي تاريخ جو حصو"، "سنڌ جا قديم سڪا"، "عالمي ادب"، "جديد سنڌي ادب جو اڀياس" ۽ "صفحا ساروڻين جا" شروع ڪيا آهن، جن کي قارئين بيحد پسند ڪيو آهي ۽ لکندڙن اُنهن ۾ وڏي دلچسپي ورتي آهي. مهراڻ جي نئين سال ١٩٩١ع جي پهرئين شماري کان وٺي اسان "لطيفيات" جي نئين سيري هيٺ، تحقيقي مضمونن جو هڪ اهڙو مستقل سلسلو شروع ڪرڻ چاهيون ٿا، جنهن ۾ شاهه صاحب جي سوانح ۽ سنيهي بابت اهم، نئون اڪور ۽ مستند مواد درج هجي. روايتي قسم جا مضمون ته وڏي تعداد ۾ عام جي اکيان اپندا رهن ٿا، پر اسان چاهينداسون ته ان سلسلي ۾ انفراديت ۽ معيار برقرار رکندي، پڙهندڙن کي ڪي نوان مواد/معلومات ڏيون. ان ڏس ۾ لطيف جي عالمن ۽ محققن کي اسان خاص گذارش ڪنداسين ته مهراڻ جي هن نئين سلسلي کي سجائڻ لاءِ اسان سان علمي سهڪار ڪن.

# سنڌي لئنگويج اٿارٽي

سنڌ جي نگران وزيراعليٰ جام صادق علي، سنڌي لئنگويج اٿارٽي قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي ۽ سنڌي زبان جي ماهر، برک محقق ۽ عالم، ٻولي ۽ ادب جي مثالي خدمتگذار محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي ان جو سربراهه مقرر ڪيو ويو آهي.

سنڌي لئنگويج اٿارٽي جي قيام تي اسان خوشيءَ جو اظهار ڪندي سنڌ سرڪار کي مبارڪباد ڏيون ٿا ۽ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي سربراهيءَ کي هڪ تحسين جوڳو فيصلو قرار ڏيون ٿا.

اٿارٽي جو قيام، سنڌ جي ماڻهن جو هڪ پراڻو مطالبو هو، جيئن سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ سرڪاري سطح تي، جامع نمونو ڪم ٿي سگهي.

سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ جي قيام سان سنڌي ٻولي ۽ ادب، ثقافت ۽ تعليم کي جيڪو فروغ حاصل ٿيندو، ان جو هر علم دوست آساليءَ سان اندازو لڳائي سگهي ٿو. ڊاڪٽر صاحب پنهنجين لاتعداد علمي خوبين سان گڏ هڪ "اداره ساز" خوبي جو پڻ مالڪ آهي. اسان کي يقين آهي ڊاڪٽر صاحب جي رٿابنديءَ ۽ محنت سان هي ادارو نه صرف پختن بنيادن تي قائم ٿيندو، پر ان سان گڏ ترقيءَ جون وڏيون منزلون ماڻيندو.

- نفيس احمد شيخ



● سنڌ جي تاريخ جو حصو
مغل منصبدارن خلاف سنڌي عوام جي شاندار جدوجهد — ايم. ايڇ. پنهور
مترجم: غلام محمد لاکو ١٠١

● سنڌ جا قديم سڪا
"سنڌ ۾ ٽالپر دور جا سڪا" (قسط ٢) — عبدالله ورياه ١٢٥

## ڪهاڻيون

١. ڪاڪ ڪنڌيءَ تيرون — حميد سنڌي ١٣٩
٢. ٿڪل مسافر — انيس انصاري ١٤٤
٣. رت، رات، ستارا — شبنم گل ١٤٩
٤. ٽٽل ڪڙا — ضراب حيدر ١٥٤

● انسان ۽ زندگي سيريز — ٢ — حبيب الله صديقي ١٥٩
● ادب لطيف — جهامنداس ڀاٽيا ١٧٢
● رفتار ادب — ١٧٤
● آڏيسي آئي ويا......
— مرزا اسد بيگ — نصير مرزا
— افضل قادري — تاج جويو ١٨٥
● تعزيتي گڏجاڻي
— حاجي سليمان ڀان — ڊاڪٽر غلام علي الانا ١٩٦




۴. سنڌيلو عبدالڪريم (ڊاڪٽر) : ”لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو“ سنڌ الاجي ڄامشورو. ۱۹۸۶ع ص-۱۳۵.
۵. بلوچ نبي بخش (ڊاڪٽر) ”سنڌي سينگار شاعري“ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو. ۱۹۸۶ع ص-۷.
۶. ڪدواڻي هرسو جيسارام (ڊاڪٽر) ”شاه جو شعر“ سنڌي ٽائمس پبليڪيشن الهاس نگر. ۱۹۷۳ع ص-۳۰.
۷. جوڻيجو عبدالجبار (ڊاڪٽر): ”سنڌي ادب جي مختصر تاريخ“ سرمد ڪتاب حيدرآباد. ۱۹۷۳ع ص ص-۴۸-۴۹.
۸. سي ايس اسبورن، لاجونتي، لوٿر: ”بلها شاه“ شيخ مبارڪ علي لاهور. ۱۹۸۲ع ص-۱۳۴.
۹. ناصر نصير احمد، ”تاريخ جماليات“ ص-۲۷.
۱۰. گربخشاڻي هوتچند مولچند (ڊاڪٽر)، ”مقدمه لطيفي“ ورسٽي پبليڪيشن ڪراچي. ۱۹۷۷ع ص-۸۰.
۱۱. ڪدواڻي هرسو جيسارام (ڊاڪٽر)، ”شاهه جو شعر“ ص-۳۵.
۱۲. هيلڊي بڪ: ”انڊين لَو پينٽنگس“ ڪرسينٽ بڪس نيو يارڪ. ۱۹۸۵ع ص-۲۹.
۱۳. عباسي تنوير: ”شاه لطيف جي شاعري“ (جلد ٻيو) نيو فيلڊس پبليڪيشنس حيدرآباد. ۱۹۸۵ع ص-۹۰.



"اسان جي شاعريءَ جي هڪ وڏي خوبي هيءَ به آهي ته شعر ۾ اهائي زبان ڪم اچي ٿي، جيڪا اسين روز ڳالهايون ٿا. پر موزون شاعريءَ جي زبان جدا آهي، جا فقط شاعريءَ ۾ ئي ڪم ايندي آهي. ان ڪري ئي ته ٻاهرئين شاعري ۾ ڌاريائي ۽ مصنوعيت آهي. ايتري لکڻ جو مقصد هي نه آهي ته موزون شاعريءَ کي خراب سمجهيو وڃي ٿو يا ان کان نفرت ڪئي وڃي ٿي. مطلب آهي پنهنجي ۽ پرائي شاعريءَ جي ڀيٽ ڪرڻ..."

— مخدوم محمد زمان "طالب المولىٰ"

# شاعري

# لافاني ڪلام

مخدوم امين محمد صديقي "امين" رح

●

رائي منجهہ رهاڻ،
ڪيچي ويا منهنجي ڪاڻ ڪري.

پياريءَ جو پنڌ پر، ساڻي گهرجي ساڻ،
پريم آءٌ تون پير پري.

ڪوهياري اٿي ڪيچ ڏي، هلي ويندا سين هاڻ،
ويچاري سا ڪيئن وري.

هن سورن جي سٽي، ٿي ڪنياڻي ڪاڻ،
ڏونگر منجهہ سا ڪيئن ڏري.

توڏا وجن ٽا تڪڙا، جتن ڪاٿو تاڻ،
هلان آءٌ ڪيئن هري.

"امين" آڏيون لکيون، آرياڻي تو آڻ،
توکان منهنجي سڀ سري.

# مخدوم محمد زمان "طالب المولیٰ"

## غزل

غم ۽ آلام جي شدّت اچا تائين آها آهي،
محبت عشق ۾ حدّت اچا تائين آها آهي.

هجي هو نوبنو محبوب شل قربت نٿي حاصل،
وڃڻ صدمن سندي جدّت اچا تائين آها آهي.

اسان جي واعظن تبليغ ڏاڍي ذوق سان ڪئي آ،
مگر هي حالتِ مِلّت اچا تائين آها آهي.

طبيبا ڏيج وري موٽي ضرورت تنهنجي ڪانهي ڪا،
مريضِ عشق جي صحّت اچا تائين آها آهي.

زمانو آسمانن تي ڪڏهوڪو ٿي وڃي پهتو،
جهان ۾ قرب جي قلّت اچا تائين آها آهي.

خبر عشاق جي دل جي حڪيمن کي ڀي ڪا ڪانهي،
انهي ۾ درد جي دِقّت اچا تائين آها آهي.

پڇڻ محبوب جو نالو ته ٽٽڪيو نا پئون هڪدم،
اسان منجهه رمز جي رِقّت اچا تائين آها آهي.

ڏسي چپ چپ اسان کي ماڻهئو هرگز متان ڀلجو،
اسان وٽ جرئت ۽ هِمّت اچا تائين اها آهي.

صنم جي وعدهٔ فردا جي هردم طالب المولیٰ،
اسان وٽ حُرمت ۽ عزّت اچا تائين آها آهي.

•

ازل کان آهه مجبورِ مقدّر نوعِ انساني،
بهارِ جانفزا ڪٿ ۽ ڪٿي ورهن کان ويراني.

تبسم دوست فرمايو، ڏسي حالِ زبون منهنجو،
اچي ويٺي مون کي ڪم نيٺ پنهنجي چاڪ داماني.

مقدر منهنجو ٿيو وابستهِ خاڪِ ڪوچهءِ جانان سان،
سندس نقشِ قدم ٿيو منهنجي لئه نقشِ سليماني.

مرڻ مون کي قبول آهي، مگر ڪٿ ٿي نه ٿئي جاني،
مون کان ٿيو تنهنجي اندازِ تغافل کي پشيماني.

نه تنهنجي قرب جي ها بيرخيءَ جي ڳالهه ياد آئي،
ڳان ٿي اڄ آهجي ٿر ڪير ڳوڙهن جي مهماني.

سڄڻ جي سنگ در تي ٿي سندم سجدن جي تاباني،
سوڊ ڪي ٿي بادشاهي کان مٿي دلبر جي درباني.

نظر آئين تہ منهنجي ضبط جا زاويا بدلجي ويا،
ڪري ويا سندم اشڪِ روان ڪيڏي نه ناداني.

سنڌي آهيان، مون کي سنڌي هئڻ تي فخر ناز آهي،
نه آئون عربي، نه هندي ۽ نه افغاني، نه ايراني.

سڏائي پنجتن سرمايهٔ علم و هنر احسن،
عطا ٿي مون کي ان در تان فصاحت جي فراواني.

### تنوير عباسي

•

چيو جو شعر اهو تنهنجي چپ تي آيو آ،
جهڙو سجايو آ، پنهنجو اکڻ سجايو آ.

ڪٿي هئي مون ته رکيو تنهنجي سونهن جي ماراهہ،
۽ ٿوري ڳالهہ کي سالهن ڪٿي وڌايو آ.

هجي سچاڻ اکين ۾ ته هر ڪو آ پنهنجو،
نہ آ سچاڻ ته جڳ سارو ڄڻ پرايو آ.

خبر نہ آهي ته طوفان در کي کڙڪايو،
يا دل جو دوست ڪوئي منهنجي در تي آيو آ.

اوهان لہ منهنجي طرف اک کڻي بہ ڪين ڏٺو،
۽ مون تہ روز اوهان لاءِ پنهي لهاريو آ.

### امداد حسيني

## جهنڊا جهولائيندا هلو

لينهن جو نعرو لڳائي ورڪ وڌائيندا هلو!
سچ پنڌ و آهي تہ چاهي دل جلائيندا هلو!

هيءُ اونداهي بہ آکري پار پونداسين ضرور،
گيت ڳائيندا هلو جهنڊا جهولائيندا هلو!

سر ڪٽائڻ آهہ پنهنجي پتر پرين ڪان دوستو،
پتر پاريندا آبا ڏاڏا ساهائيندا هلو!

راهہ ۾ ڪنڊا هجن پٿر هجن شيشا هجن،
عمر جان گهلندا گلن جان مسڪرائيندا هلو!

ڏاڍ جون ڏمڪاءُ جون ٺڪريون اُڏائيندا هلو،
تخت کي ۽ تاج کي ٺوڪر لڳائيندا هلو.

## عنايت بلوچ

●

ديوانن جو هاڪو آهي،
جيون ڏوڙ ڏماڪو آهي.

نفرت، ظلم ۽ ناانصافي، هي انساني خاڪو آهي.
پيار کي ويڙهي وٺي وڻ ويڙهي، ڪوڙ ڪٽنب جو ڌاڪو آهي.
سچ چوڻ کي سولو ناهي، سُوري پهريون ڏاڪو آهي.
"جهڙي ڪرڻي، تهڙي ڀرڻي" سارو سچ ڀهاڪو آهي.
شايد ويڙهه وڌي وٺي آهي، 'وارو - وارو' واڪو آهي.
روشنين جي راهه اٽانڪي، تنهن ۾ وَرُ وراڪو آهي.
پر جي عزم اٽل آ پيارا، منزل چڻ هڪ ڏاڪو آهي..

## سرويچ سجاولي

●

سڪي سڪي جي ملنداسين، پوءِ موٽي مور نه ڇڄنداسين،
اکڙيون اکڙين ۾ اٽڪايو، هڪ ٻئي کي پيا ڏسنداسين!

چيٽ وارن چوماسن ۾، جونڪاري ڪي گيت غزل،
پيار ۾ پاڪل پورهيت پنجي، ڪٽڪون ڇانيا لڏنداسين!

مينهن واريءَ موسم ۾ ٻئي مستيءَ ۾ ٿي مست و مست،
ڪونجيءَ توڙي پنهواريءَ جي پاڻي ۾ پيا ترنداسين!

ماڇر ميرانپور ۾ مڪليءَ، ميانيءَ جا ميدان پسي،
ڪارونجهر ۾ ڪيٽي بندر، ڪينجهر منڇر گهمنداسين!

سنڌ سڄيءَ جي گولن توڙي پولن پدن شهرن ۾،
راتيون روز ۽ هفتا مهينا، سال سڄا پيا لڪنداسين!

سنگت ۾ "سرويچ" سڏائي، پيچ مٽيءَ سان پڪا پائي،
ڌرتيءَ پنهنجيءَ جي او دلبرا پاڙي چمنداسين!

## آستاد بخاري

•

مور ۾ ناٽڪ جي محبت ڪهڙي،
سونهن، ستم جي سنگت ڪهڙي.

اک ۾ ڪوڪا، ڪک ۾ ڪانيون، دل تي پٿر، فرحت ڪهڙي؟
جفت قيد، جهنم جهوسي، بهتي هيءَ قيامت ڪهڙي!
ساگر ڦٽڪيو، ڌرتي تڙپي، سهني سان ٿي حالت ڪهڙي.
اڄ هوا کي لڳي چڪي آ، تنهنجي چنڊ ضرورت ڪهڙي!
آس نه گهوڙهن منجهه، اڏڻ ذي، جڙ ۾ جڙندي تربت ڪهڙي!
پيا نه چمان ها يا نه مران ها، هن ڪان وڌ پي حسرت ڪهڙي.
مشتاق آ 'استاد بخاري'، شاعر جي پي شهرت ڪهڙي!

## محمد علي جوهر

•

هر اشاري ۽ ادا تان يار سان صدقي ٿيان،
دلبري جي داءَ تان دلدار سان صدقي ٿيان.

کهٽور سان کهائي وري تو مرڪ سان ماري ڇڏيو،
سوز ميٺڙي مرڪ تان منٺار سان صدقي ٿيان.

وات وارن سان پلهاري لين رستي تي رڪان،
هڪ دفعو اچ تون هلي، سؤ وار سان صدقي ٿيان.

پانهن سيرالدي ڏني سان پير پياري جا چمان،
سير جا سائين، ساهه جي سرڪار، سان صدقي ٿيان.

دل جي زخمن تي رکي مهر و وفا جي تو مَلم،
منهنجا محسن مهربان غمخوار سان صدقي ٿيان.

دل ۾ دردن جو آ ديرو، مگر سهني ۾ سڪون،
لاهه 'جوهر' تان ڏکن جا بار سان صدقي ٿيان.

## عبدالقيوم صائب

●

جتي ها ميزبان چونڊيل جتي ها ميهمان مخصوص،
اتي ها خادم و مخدوم ۽ خود جانِ جان مخصوص.

ڏسون، ڇا سونهن جو معيار ٿا هن پيري قائم ڪن،
چمن کي سونهن بخشڻ لئه رکن پيا باغبان مخصوص.

ڏٺوسين دور ناڪامي، ڪئي سين پوري ناداني،
دلِ ناشاد کي ڏيڻو وري پيو امتحان مخصوص.

مٿائي واءُ جي اڄ آسري تي هٿ چڙهيا آهن،
ڪليو اميد جي پيڙيءَ جو آهي بادبان مخصوص.

اٿون نغمو، اشين ڏن سان هتي الاپيو ويندو،
نہ بزمِ ۾ خود ايندا رهن ٿا نغمہ خوان مخصوص.

پراڻي سرت ساڃهہ کي نئي شايد رهڻيو ويندو،
ڏنو ذهنِ رسا کي پيو وڃي جو آستان مخصوص.

عجب هي ميڪده آهي، هيا رندن جي رفاقت ۾،
صراحي، ساغر و ساقي سان گڏ پيرِ مغان مخصوص

چمن غارتگرن جي ور چڙهي ويو آهہ اي يارو!
ڪريل ها خوانِ نغمہ تي مڙيئي مهربان مخصوص.

خزاني کي لٽائي خود، ڪري دانهون اٿيا آهن،
ڪرشمو هو ڪري ڏيکاريو چشمِ بتان مخصوص.

فلڪ جي زد ڪاڻ بچندي واديءَ همت ۾ گهاريندي،
بلندين تي رسي شاهد وڃي ڪو رازدان مخصوص.

سچائي گرچہ سهڪو ٿو، بچي پر ڪو سگهيو ناهي،
بچي ڪائي حريفن سان ڪو صائب ناگهان مخصوص.

## مظفر حسين جوش

●

هڪ مسلسل ٿي انتظار آهي،
زندگي آهي ڀاڪ ڀار آهي.

زندگي تلخ ٿي سهي ليڪن، زندگيءَ سان اسان کي پيار آهي.
وحشتِ دل ڪيو آهي مجبور، ۽ نه توتي ڪو اختيار آهي.
تنهنجو غم جانگداز ٿي ليڪن، تنهنجو غم باعثِ قرار آهي.
تنهنجي لئه قابلِ عتاب آهيان، پوءِ به اک تنهنجي اشڪبار آهي.
جت به منهنجي قدم کي لغزش ٿي، سمجهيم تنهنجي رهگذار آهي.
سون ڏليون نرگسي اکيون ڪنهن جون، منهنجن اکين ۾ اڄ بهار آهي.
ظرف گهرجي ٿو باده نوشي لئه، پي نه ٻهڪي سو باده خوار آهي.
’جوش‘ جي شاعري آهي گلرنگ، جنهن ادب ۾ نئون بهار آهي.

## محسن ڪڪڙائي

### وائي

ٻيڙي ٻڏي ٿي
وَرندو ڪوئي واهرو!؟
اوزارن جي اند ۾، ڌرتي ڌُڏي ٿي،
وَرندو ڪوئي واهرو!؟
سڀي ڏوها بازار ۾، گولي گَڏي ٿي،
وَرندو ڪوئي واهرو!؟
دهشت، پنهنجي ڏُنڊ ۾، ڪنهن نه ڪَڏي ٿي،
وَرندو ڪوئي واهرو!؟
هيبت، هوش حواس کي، ٿُو ٿُو ٿَڏي ٿي،
وَرندو ڪوئي واهرو!؟
چادر چيڙهئون تي وني، لوئي لَٿَڏي ٿي،
وَرندو ڪوئي واهرو!؟
چاهه ۽ چو سنڌ ۾، آوندهه اڏي ٿي،
وَرندو ڪوئي واهرو!؟
ٻيڙي ٻڏي ٿي!!!

## انور هالائي

•

پورا ٿين ٿا وعدهٔ فردا ڪڏهن ڪڏهن،
محبوب مهربان ٿئي ڳويا ڪڏهن ڪڏهن.

ديوانگي ۾ پاڻ کي ڄاڻان ٿو عقلمند،
بڻجان ٿو اهلِ ذوقِ تماشا ڪڏهن ڪڏهن.

آه و فغان منهنجا سدا همشريڪ پر،
ڪارانجي وڃن ٿا ستارا ڪڏهن ڪڏهن.

اڪثر ڪري ٿا ڪوڙا ٿين تنهنجا واعدا،
سچ ٿي پوي ٿو عالمِ رويا ڪڏهن ڪڏهن.

هرڪا خوشي بشر جي حصي ۾ لکي اچي،
پوري ٿئي ٿي ڪا ڪا تمنا ڪڏهن ڪڏهن.

زاهد اچي ٿو روز بنا خوف ان ڪري،
ميخاني ۾ ملن ٿا شناسا ڪڏهن ڪڏهن.

ايلاو مريضِ عشق کي ثابت قدم ڏسي،
تشويش ۾ پوي ٿو مسيحا ڪڏهن ڪڏهن.

گرداب سان جهيڙو ڪري بحر سان اڙي،
ٻيڙا ٽڪن اچيو لبِ دريا ڪڏهن ڪڏهن.

پيو ڪونه هو نه موردِ الزام همنشين،
اشڪن ڪيو ٿي راز کي افشا ڪڏهن ڪڏهن.

جڏهن لاشعور ٿي ٿو مسلط شعور تي،
نادان بڻجي پون ٿا دانا ڪڏهن ڪڏهن.

هر زخم تي لڳي ٿو نئون زخم روز روز،
ٻاڪن سان ڪنهن جو ٿيندو مداوا ڪڏهن ڪڏهن.

پٿر اگر نه ٿو دلِ بيتاب جي هڏي،
بيڪار آ ٻتن سان تقاضا ڪڏهن ڪڏهن.

محسن سندم ٿو ٿاري نوازش ڪرم ڪري،
انور جي سر اچن ٿا جي خطرا ڪڏهن ڪڏهن.

## "آزاد" ورياهه

### گيت

تـڏا ڏينهن ٿيا ۽ اتـر واءُ وريـو آ،
وري منـد مـونـي ٽيو مـن چريـو آ.

لڏي وڻ جون لامون هلي آ چون پيون،
هي هوندون بهاريون به تو کي سڏن ٿيون،
کني ڪوڪ ڪوئل هيئنون ڇڻ ڏريو آ،
آنـي منـد مـونـي ٽيو مـن چريـو آ.

ٽيو جـوش جـذبـن ۽ جولان جـاري،
الائـي مون ساٿي! کهڙي ڪيئن کهاري،
پري تو کان پـل ڪين منهنجو سريو آ،
آنـي منـد مـونـي ٽيو مـن چريـو آ.

هجان ها جـي "آزاد" گـڏجـي پيارا،
ڪريون ها جهڙالـي جـا ويهي نظارا،
هتي مينهن ساڙهو بدن ڇڻ پـريـو آ،
آنـي منـد مـونـي ٽيو مـن چريـو آ.

[٢٢- نومبر ١٩٦٩ع
سينٽرل جيل، حيدرآباد.]

## حبيب الله صديقي

٥

حـيـاتـي آ گـذري فـقـيـريءَ ۾ يارو،
ڪبو ويس کهڙو ڪو پيريءَ ۾ يارو.

حياتي نـرو قـيـد ناهي تـه چـاهـي، جوانيءَ ۾ وڃ ڪجهه نه پيريءَ ۾ يارو.
نڪو دم دلاسو نڪا هاڄ حاجت، نـه ٿـي عيش راحـت اسيريءَ ۾ يارو.
وڏا پيٽ تـن جا وڏيون اوڳرايون، گذارن پيا بـي ضمـيـريءَ ۾ يارو.
زمانـي جي رفـتـار ساڻ خـوب هلبو، طـرف ڪين مٿبو ڪو پيريءَ ۾ يارو.
هـلـي ڪين ٿـي هن جهان ۾ ’حبيبا‘، رضـا سان گـذاريـو فقيريءَ ۾ يارو.

## اياز گُل

●

جنهن جي ساھون سڳنڌ ۽ ساڳيءَ سان ڀي ڏيندي آهي،
ڪاڻي ساڳيا، سپني ڪان ڀي سهڻي ٿيندي آهي.

سونهن جلھن ڪي عڪس، اکين ۾ اوتيندي آهي،
ننڊ ۾ آسڻر جي، هيرَ ڏکڻ جي ورسري ويندي آهي.

ڪڏهن هيئنين جي حالتَ هوندي آهي ائين، جيئين!
سنڌ جي شهرَ ۾ آڌيءَ راتِ جو، ٽرين ڇڏيندي آهي.

مان هين ڪي ٿوريءَ جهٽ ۾ بيزار ڪري وڃهندو هانَ،
هيءَ حياتي توسان ٿي پر، ٻور نه ٿيندي آهي.

راتِ ڪنهن ٻيوَهم عورتَ وانگي، چنڊ شرابيءَ جيان،
يادِ ڪڙي ڪا اوجاڳن جا ڪَنَ پريندي آهي.

فون تي پڇندو آهي هڪڙو يادِ ڪرڻ وارو،
”تو ڪي ڀي او جيڏا ا، منهنجي يادِ ڪا ايندي آهي؟“

## ذوالفقار سيال

●

چار گھڙيون سفر جيڪو توسان ٿيو،
منهنجي جيون جو مٺڙو حصو ٿي ويو.

تون ڪٿين نيڻ آلا، جي آئين جڏهن،
ساهه منهنجو ته ڄڻ ڪو نپوڙي ويو.

وار تنهنجا ڪُھليا، ڦهلي خوشبوءَ وئي،
ڪيڏو توسان حسين سات پنهنجو رهيو.

زندگي ڄڻ ته صحرا آ، ماڻهو هتي،
درد ۽ سُک جي واريءَ ۾ ڦاسي پيو.

ذلف ذرڙا هوا ۾، اتشي پيار جا،
ساهه جو، چاهه سان ٻيج آهي پيو.

بخشڻ مهراڻوي

## ماءُ اڄان ڪيسين؟

اڄ وري سانوڻيءَ جون هي هوائون،
ڪنهن ڏکي ڪونئل سنديون،
درد جون ساريون صدائون.

ڏس اُڀ اُڏري ٿيون ڇڏين،
زخم تنهنجي ياد جا،
ڪنهن جُهرالي شام جهڙو،
تنهنجو جوڀن،
ڪنهن عقابي اک جهڙي،
تنهنجي مستي ۽ جواني،
ڪنهن شرابي جيان خمار ۾،
تنهنجي چپڙن جي ڪنارن جون چميون.

هن اڪيليءَ رات ۾،
ڪنهن ٻڪيءَ جي لات ۾.

اڄ وري مون ڏانهن ورڻيون،
ڪنهن چرڪ جان جاڳي آئيل،
منهنجي من جي هي صدا،
او! وڇوڙي جي هوا
يا خدا،
ماءُ اڄا ڪيسين جيان؟
ماءُ اڄا ڪيسين جيان؟

وقت جي ڪنهن پڃيان،
ڪيترو ماضي لڪيل،
نقش جيڪو هو اکين ۾،
تنهن وري ڪاڏي آئل،

ڪيترا صدما اکين ۾،
ڪيترا آلڪا اکين ۾،
ڪيترا آدما اکين ۾،
ڪيترا سُڏڪا اکين ۾،
هي اکيون هين، يا وري،
درد جو ڪوئي ڪتاب.

ڪير آهي جو اڄي،
زندگيءَ جو پلئاءُ،
درد جون ساريون چڻڪون،
ساريون ڪهاڻيون سارَ جون،
ساريون ڪهاڻيون يار جون،
ساريون ڪهاڻيون پيار جون—

پيهر لڪي،
هاءِ وڇايل پار جهڙا
هي اسان جا خواب سارا،
ڪير تن جي ساپيا جا،
ماءُ، پيءُ ڳولي لهي،
ڪير آهي؟
”ڪو به ناهي!“
بس اڪيلو هي سوال،
بس اڪيلي هي صدا،
يا خدا،
ماءُ اڄا ڪيسين جيئان؟
ماءُ اڄا ڪيسين جيئان؟

## عزيز ڪنگراڻي

### گيت

وڃين ٿو ڏور وڇ ڀلي، ڪٿي نه ڏور ڪهارجان،
پريت منهنجي هيءَ ڪڏهن پرين نه تون وسارجان.

چريو ٻڌيو هي چاهه آ، پل پل نگاهه آ،
منهنجو تو ۾ ساهه آ، چپن تي سرد آهه آ،
سدا تون مون ڪي سارجان،
پرين نه تون وسارجان.

بهار ۾ جي گل ٽڙن، چمن ۾ ڀونر جي ميڙن،
هوائون پيار جون گهلن، ۽ آسون ڪر موڙي اچن،
تون موٽي واڳ وارجان،
پرين نه تون وسارجان.

انبن ۾ ٻور جي ٽٽن، ۽ لوب ڪٽڪ ۾ پٽون،
اندر ۾ دود جي دکن، غبار غم وڌي وڃن،
اچي سٺا ميسارجان،
پرين نه تون وسارجان.

وڇوڙو من جگر وڍي، فراق دل اگر ڦٽي،
جي سوز سڪ سڄڻ سٽي، وجود کي ڪٻي ڪٽي،
مٿل ڪي تون نه مارجان،
پرين نه تون وسارجان.

نه ايندين پنڌ پنڌ پنڌ ٿڪاڻبو، لڇي لڇي گذاربو،
عزيز جيءَ جلائبو، گهڙي گهڙي پڪاربو،
صنم سدا اکڙي ٺارجان،
پرين نه تون وسارجان.

## ساڏڪ ملاح

### گيت

تون ئي مرڪين گل ٽڙن ٿا،
چانڊوڪيءَ جي جهالر جهرڪي،
تارا تنهنجا ٽهڪ لڳن ٿا.

پرهه ڦٽين سان لوليون ڏئي ٿي، ماڪ ڇمين آلاڻ لڳي ٿي،
ساري فطرت ناچ نچي ٿي،
سج جا ڪرڻا ورڪا ڪن ٿا.

هير هندورو ٻڌجي جهومي، خوشبو آن سان ڪڏجي جهومي،
تنهنجي ٻيڙا ٻي ٿي جهومي،
ياد سدا جيئڻ جهڪ سهن ٿا.

ڏينهن ڏکيو ۽ رات ڏهاڳڻ، ويتر ساري ٻڏوندن ڪڻ ڪڻ،
جهوڻن رُت ۾ آ ڇڻ ٻڻ - ڇڻ،
لڙڪن ڳلڙا روز ڇڻن ٿا.

## پريتم پياسي

### غزل

اوهان وٽ ڪوڙ رهيو پل مٺا بس هاڻ وينداسين،
ڇڏايو تو وطن پنهنجو، پرين پک ڇاڻ وينداسين.

سدائين تو مٺا ورتي تشدد ۽ ستم جي راهه،
مياڙون ڇا ڏيون توکي، غمن جي ساڻ وينداسين.

ڪهڙي ٿي آ مٺا نفرت نه تو سمجهيو ڏسڻ واجب،
پري توکان پيارا ڪنهن وطن اڻڄاڻ وينداسين.

پري ڪان ٿي خدا حافظ ڪندس تان لڙڪ وسندا پر،
مڃي ويندي اندر دلڙي ڪهڙي ڇڪتاڻ وينداسين.

جيا سين جيترين گهڙيون، مگر سلڙا مرڻ تائين،
مڪان ڪان لامڪان تائين ڪندا واڪاڻ وينداسين.

نه چولڊي دل پريتم جي ڇڏي توکي وڃي هڪ پل،
مگر مجبور اکڙين سان ڪٽي آلاڻ وينداسين.

## ناظم سنگي

●

ٿورڙو مُرڪي نهاريو تہ غزل ٽوٽي لڳان،
سڏي ٻرسان ويهاريو تہ غزل ٽوٽي لڳان.

تنهنجو سينگار تخيل کي رواني ٿو ڏئي،
تنهنجي زلف سنواريو تہ غزل ٽوٽي لڳان.
هائي محرومي جي دنيا کان ڪڍي، درشن جو،
ٿازو وِساهه ڏياريو تہ غزل ٽوٽي لڳان.
قرب ڌارين کان ملي ٿو اهو دل تي ٿي نہ آ،
ٻانهن پنهنجن ۾ قطاريو تہ غزل ٽوٽي لڳان.
سوچ سورن جي چڻبي ۾ آ خدا خير ڪري،
ڀڄي فڪرات کي ٽاريو تہ غزل ٽوٽي لڳان.
توسان ابجد ٿو پڙهائي آ ملڻ ناممڪن،
ٻار قسمت کي سنواريو تہ غزل ٽوٽي لڳان.
تنهنجي تصوير تصور ۾ آ "ناظم" ليڪن،
رات آغوش ۾ گهاريو تہ غزل ٽوٽي لڳان.

## سليمان سولنگي

### وائي

سرهو، سار، ولر —
سانجهيءَ جي آڪاس ۾.

ساريءَ اڄل هٽ ۾،
ساڳي ٻول تتر — سانجهيءَ جي آڪاس ۾.

ولي نڪتا واٽ تي،
تنهنجو ٽانءُ نڌر — سانجهيءَ جي آڪاس ۾.

ٻيي ڌوڙ درياءَ ۾،
مونجهيا سير بحر — سانجهيءَ جي آڪاس ۾.

تنهنجيءَ سار ٻچار ۾،
گهليون ڳوٺ شهر — سانجهيءَ جي آڪاس ۾.

# مقالا

تاريخي طور، سنڌي زبان کي خصوصي تعليمي حيثيت ۽ اهميت حاصل رهي آهي، ڇاڪاڻ جو برصغير هندستان جي ٻين صوبائي ٻولين ۾ سنڌي ئي اها اڪيلي زبان آهي، جنهن ۾ نه صرف ڪن ٻين صوبائي ٻولين وانگر تعليم ڏني وئي، پر جنهن کي ٻين زبانن سکڻ لاءِ سڀ کان اڳ 'تعليمي ذريعي' طور استعمال ڪيو ويو. اهو خيال سراسر غلط آهي ته ڪو انگريزن جي دور ۾ سنڌي الف-ب ٺهي، يا سنڌي ۾ تعليم ڏيڻ جي شروعات ٿي، يا سنڌي کي 'تعليمي ذريعي' طور استعمال ڪيو ويو. اهي ٽيئي مرحلا سنه ١٨٤٣ع ۾ انگريزن جي سنڌ تي ڪاهه ۽ قبضي کان صديون اڳ طئي ٿي چڪا هئا.

- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ


سسي نساندين لاهوتين جي ساه سلا
رئوڙين کلئو کاتين بجن بوءِ برياتي
سسي سي کرن جي واندر وجم اوءِ
ڪ بوءِ بجن سروجن سباهوست جانکا اتي
سد سر کم تلن واءِ کلاني کاني لاهي رکه
جي متون ت ماني تک ڏيني پک پي
کوت منجا کهاني جو ورنه وهاني سوسروت
سرو ساهکو جي متي وت مرن تسکه سد
تني سر ڏني ست جري تعاشق اي آجن لذاتا
لين نات مل مسکا سبر بيت مل مهکو فطرو
سکن سعادت آسان عبادت نظر نازرنجا
جاعاشق متي رت تان دعوا کري منيه جي
سائومه سنه کني سکن اي شرط نککوڏ

شاهه جي رسالي جي قلمي نسخي (١٢٧٥هه) جي شروعاتي صفحي جو عڪس

ڪنجر چنڊا ڪي، ته سچ سياڻي سڀ
ڪالري بيت نکه، جاڻو جامکي نکه
جام ويا، نندي وڏي ڪندي ري سين
سياءَ لم يلد ولم يولد ولم نزاڪت نياءُ
قرب ڪبرياءَ، تمت تمامي جي جام جوءُ

تمت تمام شد

لکي تمام ٿيو مي رسالو هتا فقير حقير
عبد الرحمن بن حافظ محمود عرف مي
ڏاڏي مخدوم نارنگ پوٽري جي
رحمة ڪريس خدا جل جلاله
١٢٧٥ تاريخ ستايم مهيني ذوالقعد جو ڏينهن اربع

٢٩ جون ١٨٥٩ع

---

نسخي جو اهو صفحو، جنهن تي ڪتابت جي تاريخ لکيل آهي

مان پنهنجي محترم دوست منير احمد قريشيءَ جو بيحد ٿورائتو آهيان، جنهن سندس وسيع علمي خزاني مان بچيل آخري، پر تمام اهم سوکڙي، وڏيءَ فراخدليءَ سان منهنجي حوالي ڪئي، ۽ ڪيترن ئي سالن تائين ان کي پڙهڻ، ان تي غور ڪرڻ ۽ ان کي ايڊٽ ڪرڻ جي موڪل ڏنائين. اهو سندس ادبي سخاوت جو معجزو آهي، جو شاهه جي رسالي جو هيءُ اهم نسخو اجوڪن توڙي ايندڙ وقت جي محققن آڏو تحقيق لاءِ موجود هوندو، ۽ شاهه جي رسالي جي مستند، معياري ۽ صحيح متن قائم ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو.



(٤٩) فقير عرض محمد مشوري، روايت ڪئي.

(٥٠) مهر غلام رسول، ”تاريخ سنڌ ڪلهوڙا دور“، جلد ٻيو ٻيو ڇاپو ٻيو ٻيو، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، سال ١٩٦٣ع، ص ٤٠٦.

(٥١) روايت ڪئي محمد يعقوب ولد امير علي لنڊ، ويٺل شاهه آباد ڇانگو.

(٥٢) نزاڪت علي عباسي، ويٺل ٻچيري تعلقو نوابشاهه.

(٥٣) روايت ساڳي.

(٥٤) روايت ڪئي لعل بخش ولد شمس الدين خان لغاري، ويٺل نوڙ تعلقو جوهي.

(٥٥) روايت ڪئي فقير عرض محمد مشوري، متولي درگاهه ميان نصير محمد ڪلهوڙو.

(٥٦) روايت ڪئي فقير الاهي بخش ولد بهاول خان، ليکي رهندڙ ليه پنجاب.

(٥٧) روايت ڪئي فقير عرض محمد مشوري، متولي درگاهه ميان نصير محمد.



# Bibliography


| | | |
|---|---|---|
| 1. | Henry Pottinger | "Travels in Balochistan and Sindh" Republished 1972 P 332. |
| 2. | Foster | "The Embassy of Sir Thomas Roe" 1615-1619 London, 1899 p 152. |
| 3. | Richard Burton | "Sindh and the Races-inhabit in the Valley of the Indus", Oxford University Press, Karachi, 1973. |
| | J. Abbot | "Sindh" Indus Publications, Karachi, 1977 p 68 |
| 4. | Kela Thairani | British Political Mission to SINDH, Orient Longman p 2. |
| 5. | Foster | "English Factories in India", London p vi. |
| 6. | J. Abbot. | "Sindh a Re-interpretation of the unhappy Valley 2" Vol. 2 Bombay 1829 p 120. |
| 7. | Aitchison | "A Collection treaties, Engagements and Sanads" Vol. vii Govt: Printing Press, Culcutta, 1909 p 324. |
| 8. | T. Postans | "Personal Observations on Sindh", London, 1843 pp. 283-86. |
| 9. | Khera P. N. | "British Relations with Sindh" London, 1941 p. 56 |
| 10. | Muhammad Hussain Turk. | Economic History of Hyderabad, Sindh University Press Ist Edition 1956 p 39. |
| 11. | Hutenback R. A. | "Birtish Relations with Sindh" 1799-1843 California, 1962 p 3. |
| 12. | Khera | "British Policy towards Sindh" Lahore 1941 p 5. |
| 13. | Eastwick | "Dry Leaves from Young Egypt" London, 1851 |
| 14. | Henry Pottinger | Reference No. 1 p 335 |
| 15. | Khera | Ref: No. 12 p 66. |

16. Ibid p 67.

17. Ibid p 69.

18. Lord Edward "A Political Diary" 1828-30, London, Vol II. p 92.

19. Dr. Hameeda Khuhro "Memoirs of Seth NaoMal" P VII

H. T. Lambrick "Sindh Before the Muslim Conquest" Sindhi Adabi Board, Hyderabad, Ist Edition 1975

20. T. Postans "Personal Observations on Sindh", Indus Publishers, Karachi 1973 p 342.

21. Dr. Hameeda Khuhro "The Memoirs of Seth Naomal Hotchand" Oxford University Press, Karachi, 1982 P VIII.

22. C. L. Mariwala "The Journal of Sindh Historical Society" Daily Gazette Press, Karachi, Vol: V No. 3. 1941 p 154.

23. Ibid p 155

24 Ibid p 156

25. Record of the Commissioner in Sindh File HB 129.

26. C. L. Mariwala Ref. No. 22 p 166.

27 Ibid p 162.

28. Kala Thairani Ref. No. 4 p 124-169.

29. Ibid p 132.

30 Ibid p 133.





جليب جي پوز جو عڪس



گنج جي پوز جو عڪس



ٻلو جي پور جو عڪس

همير: پولنگر جي وفات کان پوءِ همير نالي هڪ شخص حڪومت جي مسند تي ويٺو، جو ظالم طبيعت ۽ ماڻهن کي آزاريندڙ هو، جنهنڪري ماڻهو سندس ظلم کان تنگ ٿي، کيس حڪومت تان لاهڻ ۽ قتل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا.

سمان قوم جا ماڻهو ڪڇ جي ڀاسي کان اچي سنڌ جي آسپاس ويٺا هئا. انهن سمن ۽ سنڌ جي ماڻهن ۾ دوستي ۽ لاڳاپن جو رستو جاري ٿي چڪو هو. سمان قوم ۾ انڙ نالي هڪ شخص هو، جنهن جي پيشانيءَ ۾ هدايت ۽ بخت جا نشان چمڪي رهيا هئا. ملڪ جي اميرن ۽ حڪومت جي ماڻهن (سمن) ان کي چونڊيو. سڀني ٻڌي ڪري ڪنهن طرح پرهڻيءَ مهل گڏجي، جنهن گهر ۾ همير ننڊ ۾ ستل هو، اتي پهچي همير کي ماري وڌو، ۽ سندس سر کي شهر جي دروازي تي ٽنگيائون. اتفاق سان (انڙ سمي) کي بادشاهيءَ جي تخت تي ويهاريائون.



# سنڌ جي تاريخ جو حصو

## مغل منصبدارن خلاف سنڌي عوام جي شاندار جدوجهد●

ايم . ايچ . پنهور

مترجم: غلام محمد لاکو

١٩٤٧ع ۾ پاڪستان ٺهڻ کان ڪري هرڪو هيءَ عام ڪهاوت پيو ٻڌي ته چاڪاڻ ته انگريزن هندستان مسلمانن کان ورتو هو، ان ڪري اهي مسلمانن کي پوئتي رهڻ ڏنو ته متان اهي ملڪ ڦري نه وڃن. ان ريت الهن هندن ڏانهن هٿ وڌايو، جي مسلمانن جي خلاف هئا ۽ هڪ هزار سالن تائين سندن تسلط هيٺ رهيا هئا. هيءُ بيان سواءِ ١٨٥٧ع، ١٨٨٥ع ۽ ١٩٠٥ع سالن جي درست ڪونهي. انگريزن هندستان جو ٽيون حصو مسلمانن کان ورتو هو، جڏهن ته باقي ملڪ هندن ۽ سکن کان ورتو هو. انگريزن بنگال، بهار، اتر پرديش، سنڌ ۽ بلوچستان مسلمانن کان فتح ڪيا هئا. حيدرآباد دکن جي نظام الهن آڏو ڪنڌ جهڪايو. ميسور به مسلمانن کان هٿ ڪيو ويو، جنهن تي انهن پنجويهه سال حڪم هلايو هو. سڄو ڏکڻ هندستان هندن کان فتح ڪيو ويو. احمد شاهه ابدالي ١٧٦١ع ۾ مرهٽن کي شڪست ڏني هئي، تڏهن به اهي اجا ايترو طاقتور هئا، جو وڏيڪ چڙهتون ڪن ها، جيڪڏهن انگريز مٿن حاوي نه ٿين ها. انگريز بهار ۽ اتر پرديش مغلن کان نه وٺن ها، ته پڪ سان هنن علائقن تي مرهٽا قبضو ڪن ها. اهي ايترو ته مضبوط هئا، جو مغل شهنشاهه کي ڪڙي وري تخت تي ويهاري ٿي سگهيا. سکن کي سنڌ تي قبضي ڪرڻ جو ارادو هو، پر اهو صرف برطانوي عمل دخل هو، جو رنجيت سنگهه ڏکڻ ڏي نه وڌيو.

ان ڪري اهو چئي نٿو سگهجي ته انگريز پنهنجي پوري حڪومت دوران هندستان ۾ مسلمانن سان حسد ڪندا هئا. حقيقت ۾ مسلم حڪومت ان حد تائين ڪمزور ٿي چڪي هئي،

● محترم ايچ. ايم. پنهور جو هي مقالو "Heroic Struggle against Feudalism of Sind." سنڌالاجيءَ جي انگريزي رسالي "سنڌالاجيڪل اسٽڊيز" جي اونهاري ١٩٧٩ع واري پرچي ۾ ڇپيل آهي.



محمود شاھ



مير نصير خان ٽالپر



شاھ شجاع



مير علي مراد ٽالپر

"...سنڌ جي تاريخ تڏهن ترتيب حاصل ڪري سگهي ٿي، جڏهن زيرزمين دفينا کُلن، تاريخي مقامن ۽ مڪانن جي تلاش ۽ تحقيق ٿئي؛ سنڌ منجهان سنڌ ۾ تصنيف ۽ تاليف ٿيل ڪتاب گڏ ڪجن؛ سنڌ کان ٻاهر جي لکيل ڪتابن ۾ سنڌ متعلق جيڪو مواد آهي، تنهن جي وڏي پيماني تي تلاش ڪري، ان کي هڪجاءِ ڪجي. ڪنهن به قديم ملڪ، ڪنهن به پراڻي تهذيب ۽ ڪنهن به اصيل ۽ انجيب قوم جي تاريخ لکڻ، ڪو آسان ڪم يا سولو مسئلو نه آهي. خصوصاً سنڌي قوم، جنهن جا اصول، عادتون ۽ اطوار، جنهن جو نقطہ نظر ۽ مسئلن متعلق جنهن جا نظريا مخصوص ۽ غيرمعمولي هجن، تنهن جي فڪر ۽ روش کي پروڙي، ان جو تجزيو ڪري، ڪا صحيح تاريخ لکجي، ان لاءِ وڏي جاکوڙ ۽ ڪشالي جي ضرورت آهي.

جڏهن ته الهيءَ ڏس ۾ اسان اڃا ڪابه خاص ڪوشش ڪانه ڪئي آهي، سنڌ جي مفصل ۽ مستند تاريخ جي طلب ڪرڻ آڃ پايان ٿو، زيادتي آهي. پهرين ضرورت آهي مواد ڪٺي ڪرڻ جي. هي وقت آهي جڏهن اسان کي انفرادي طرح نه، بلڪ اجتماعي قوت سان ۽ قومي تحريڪ جي جذبي سان مواد ڪٺو ڪرڻ گهرجي. عمارت ٺاهڻ لاءِ پهرين اسباب گڏ ڪرڻو پوندو آهي، اوساري کي آسارڻ پوءِ جو ڪم آهي..."

—سيد حسام الدين راشدي

(مڪلي نامو ۳۷-۳۸)

# ڪهاڻيون

—”او سنڌو! تون ستن سهيلين سان گڏجي وَهين ٿي ۽ ساڄي ڪان ڪُڀا (ڪابل)، گومتي (گومل) ۽ ڪرمو (ڪرم) توسان گڏجي هلڻ ٿيون!

—”او سنڌو! تون شفاف ۽ صاف ۽ چمڪندڙ امرت جهڙو پاڻي ڪڻي ميدان لتاڙين ٿي. او سنڌو! او مها سيناپتي! تنهنجي تيز رفتار جو منظر ڀَرِ وقار ۽ شاندار گهوڙيءَ والڪر آهي!

—”او سنڌو! تون سوڀياوان راڻيءَ وانگر رَٿ تي سوار آهين. پيون نديون گهوڙن وانگر تنهنجي رَٿ ڇڪين ٿيون. تنهنجي ڳلي ۾ سونيون ۽ سُندر مالهائون پيل آهن، جي توکي غنيمت جي مال وانگر هٿ لڳيون آهن. تو وٽ سونُ، ڪَپه، اناج ۽ خوشبودار گل ڦل آهن. تنهنجي ڪَپن تي سڦرها گل ۽ اوپڙ آيرن ٿا.

—”او سنڌو! او سوڀياوان! تنهنجي پوشاڪ لال ڪنوار وانگر گلن سان ٿهيل آهي. تنهنجي جواني، ديواني ۽ لافاني آهي.“

—رگ ويد

هوءَ رڪي رڪي سوچن ۾ پنهنجي پاڻ تي جڪ ڪائي رهي هئي. الهن ئي سوچن ۾ منجهند ٿي، پوءِ شام ۽ شام ڪانپوءِ جڏهن رات جا ڪارا پاڇا سندس ننڊ ڙي اکڻ تي لهي آيا تہ ڪيس طرح طرح جا وسوسا ستائڻ لڳا. پار الڳ ڪنڊ ۾ ڊلل وينا هئا ۽ مريم در تي ايهي ڪيتري دير ڪان وريام جي واٽ نهاري رهي هئي. هوءَ جڏهن در تي بيهي بيهي ٿڪجي پئي تہ کهڙي ڪن لاءِ اندر هلي آئي. اوچتو در ٻاهران ڪوڙ ٿيو، هوءَ ڊوڙي ٻاهر آئي.

”هي ڇا...!!!“ سندس تاڪ لڳي ويا. وريام جي سيني تي ستارن وارو ڳاڙهو وڳو ستارا ستارا جرڪي رهيو هو، جيڪو هو دڪاندار جي نظرن کي فريب ڏئي تہ لڳائي آيو هو، پر موت ڪان تڳائي نہ سگهيو هو. وريام جيئن ئي وڳو چورائي تڪڙ ۾ روڊ ڪراس ڪري رهيو هو، تہ هڪ تيز رفتار اسڪوٽر سان ٽڪرائي هميشه هميشه لاءِ ڪراس بنجي ويو هو.



”حاضر سائين، رکو ٻہ چار ماڻهو ۽ گاڏي گهرجي.“

وڏيري مسڪرائي چيو ”توکي موڪل آهي.“

ٻئي ڏينهن ڪاريو ۽ سالوتڙي ڪم لاهي، لئي مهل، وڏو روڊ وٺي ڳالهيون ڪندا گهر وري رهيا هئا.

سامهون ايندڙ وڏيرڪي جيپ ڏسي، ٻنهي روڊ جو پاسو ورتو. ڪاريو اڳيان ٿيو ۽ سالوتڙي سندس پويان... ايتري ۾ هڪ ٻڪ مان ڪجهہ همراهن لئين جو وسڪارو ڪاريي تي ڪيو. هٿي سندس مغزئي ڏاري وڌائون. ڪاريو رت ۾ رلنڳجي روڊ تي ڪري پيو ۽ سالوتڙي جون ڪيهون هنوڙا ٻنجي ڪاريي جي ذهن تي وسنديون رهيون. هن رت ۾ رڱيل مٽي تي هٿ ڏ ٿي اٿڻ چاهيون، پر گهوماٽي کائي اچي روڊ تي ٺهڪو ڪيائين، ۽ شام رات جو روپ مٽائي سورج جي ليٽڻ تي پنهنجا اولداها هٿ ڦهلائي ڇڏيا.



”سڀ کان وڏو بيوقوف اهو شخص آهي، جو مستقل فتني کي جاڳائي، ۽ جيڪو ڪم آسانيءَ سان ٿي سگهي، ان جي نوبت لڙائيءَ جهڳڙي تائين پهچائي، پنهنجيءَ گهٽيءَ قوت تي اعتماد ڪري دشمن سان هرو ڀرو وڙهڻ جو ارادو ڪري، جو تہ ڪٿي ’ترياق‘ موجود هجي، پر انهيءَ جي اميد تي رؤ ڪري ’زهر‘ نہ کائڻ گهرجي.“ — سقراط

پوءِ ”آءٌ ڪير آهيان؟“

۽ جيڪڏهن بنهي سوالن جا جواب اسان اچن ته پوءِ اهو هڪ اهم ترين سوال آهي، جيڪو هر ”لاعلم انسان“ کي معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته ”منهنجو خالق ڪير آهي.“ جيستائين ڪاريگر جو ”اياز“ حاصل نه ٿيندو تيستائين هن گولاڪون مشينري جي ڄاڻ ملي نه سگهندي. مون به پنهنجيءَ پَر ۾ هن کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي. مون کي ”هن“ جي ”وجود“ جو ته پتو پنجي ويو- پاڻ مان، ماحول مان، دل مان، دنيا مان، پر...... ”هُن“ جو ”اياز“ ڪيئن حاصل ٿي سگهندو.

”آءٌ“ ”جسم“ جي ”قيد“ ۾ آهيان. منهنجي ”نفس“ منهنجي ”روح“ جا پَرَ ڪٽي ڇڏيا آهن، پَرَ ڪٽيل ”پکيئڙو“ پاڻ ”پڃري“ ۾ پناهه وٺي ٿو. ساهه پيارو آهي، جيتوڻيڪ پساهن جي پَڪَ نه آهي. (باقي آئينده، انشاءالله تعاليٰ)



علامهٔ دوران، مولانا دين محمد وفائي رحه کان ورثي ۾ مليو آهي. جناب وفائي جي قلم ۾ رواني ۽ بي ساختگي جو هڪ درياهه موجزن آهي. هن ڪتاب ۾ وفائي صاحب هڪ هنڌ لکي ٿو: "... منهنجا دوست! جڏهن پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ڏسان ٿو، ته چوڌاري جا چارئي پاسا چِڪ ۾ ڇڪيا پيا آهن، جنهنڪري عيبن ۽ اوڻاين، گناهن ۽ غلطين، بڇڙاين ۽ بڇڙاين، بيهودگين ۽ براين، ڪمزورين ۽ ڪوتاهين، مندائن ۽ ميراين جي ڪاڪ پيٽي پر ۽ ڪپر ڪنڌي ڪاله آهي ۽ دنيا ۾ ٻاڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبه اُرو نظر ڪونه ٿو اچي." اهو اظهار وفائي صاحب جي مجاهداڻي ۽ حق پرستاڻي مزاج جو آئينه دار آهي. وفائي صاحب جي ٻين ڪتابن وانگر هن ڪتاب کي سنڌي ادب، باالخصوص انشائيه ادب جي فن ۾ وڏو مقام حاصل آهي.

هي ڪتاب وفائي اڪيڊمي ڪراچي وڏي اهتمام سان شايع ڪيو آهي. ان جي قيمت پنجاهه رپيا آهي. صفحا ١٨١، سائيز ڊيمي، سفيد ڪاغذ، ڇپائي جاذب ۽ سرورق ديده زيب آهي.

--- الطاف حسين آگرو



هي دؤر دنيا ۾ تنهنجو تمام ٿيندو نيٺ
هي پُر سگهو ئي حياتي جو جام ٿيندو نيٺ
هي وعظ تنهنجو، وصيّت، هي قول تنهنجو "قليچ"
قبول پير و جوان، خاص و عام ٿيندو نيٺ



سائين مرزا اسد بيگ

جنم
١٨- سيپٽمبر ١٩١٣

وفات
١٠- اپريل ١٩٩٠ع



افضل قادري

جنم
۱۵- آگسٽ ۱۹۴۱ع

وفات
۱۲- مئي ۱۹۹۰ع

## ٻوڏ ۾ ماڻ

رات جو پوين پهر ۾ ڪوهين ڪهي -
ٻوڏ ۾ ماڻ، جڏهن پهتس اڌ ۾ تي،
جتي ۾ ڪاٺ ۾ هيٺان -
هر وقت ويڙهه هوندا ٿا،
ڪيئن ڏسي ڪشتا رهندا ٿا،
ٻار هوءِ رت وهندو رهي ٿو
جيڪي ڏيان، اي دوست ايئن -
وحشي فطرت- ڪاٺ ساڻ جي ڏي ڏيئي
۾ جڪڙيل ماس ڪي ٻئي ڏي ٻيلي
جڏهن منظر ٻوڏ ۾ مان
آڳين سان ڏڌ سنڌ ڏرهون ٿا
وحشي ۾ ساڻ وڌهڻ رهون ٿا
جڏهن ڏيان اي دوست ايئن!



قاضي محمد سليمان يان



قاضي محمد سليمان جا هٿ اکر



"لاڙي موڏي" رسم الخط جو نمونو

هي ڪم ڪهڙي اداري کي ڪرڻو آهي، اهو بلڪل واضح آهي. اهو ڪم ثقافت کاتي جو آهي. اسان کي حاجي سليمان ڀان واري فن يعني شجرن کي ياد ڪرڻ واري علم کي نه ڇڏڻ گهرجي.

حاجي سليمان ڀان هاڻ جيتوڻيڪ اسان وٽ موجود ڪونهي، پر هي بزرگ ۽ هن جهڙا ٻين سڄاڻ سگهڙن جهڙوڪ: پيرڙي فقير ڪنڀار، طالب لوهار، ولي محمد طاهرزادي، رمضان ڄت، حامد رلد، علامه علي محمد مهيري، حاجي عبدالله مسٽ، محمدهاشم مگهڻار، حسين بخش ڏونگر ۽ اهڙن ٻين سگهڙن ۽ ماهرن وٽ يا انهن جي پونئرن وٽ جيڪو مواد موجود آهي، اهو هٿ ڪري ڇپايو وڃي. هن ڏس ۾ اسان جي ادبي ادارن کي اڳڀان وڌڻ گهرجي.





شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي سمهڻ واري ڪٽ ۽ ڪمرو